صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي ۱۱ نومبر ۲۰۱۴

سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت (ترميم) بل ۲۰۱۴،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ۲۴ آڪٽوبر ۲۰۱۴ تي پاس ڪيوويو ۽ گورنر سنڌ ٦ نومبر ۲۰۱۴ تي منظوري ڏني،جنهن ڪي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

# سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت(ترميم) ايڪٽ، ۲۰۱۴

# سنڌ ايڪٽ نمبر XIX، مجريه ۲۰۱۴

| | |
|---|---|
| سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت ايڪٽ مجريه ۱۹۷۳ ڪي تبديل ڪرڻ لاءِ ايڪٽ. | |
| جيئن تہ اها وقت جي تقاضا آهي تہ سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت ايڪٽ، مجريہ ۱۹۷۳ ( The Sindh Civil Servants Act, 1973) ڪي تبديل ڪيو وڃي. | تمهيد (Preamble) |
| جيڪو هن ريت بدلايو پيو وڃي: | |
| 1. (1) هن ايڪٽ ڪي سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت (ترميم) ايڪٽ، 2014 (The Sindh Civil Servants (Amendment) Act, 2014) چيو ويندو. | مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and Commencement. |
| (2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو. | |
| 2. سنڌ جي سرڪاري ملازمن بابت ايڪٽ، مجريہ 1973 جي دفعہ 23-B کان پوءِ هي اضافو ڪيو ويندو: | سنڌ ايڪٽ نمبر XIV مجريہ 1973 جي دفعہ |

| | |
|---|---|
| 23 C–۾ اضافو. Insertion of section 23-C in Sindh Act No.XIV of 1973. | (1) "23-C. وفاقي ملازمن جي مقرري ( 23-C. Appointment of Federal Civil Servants.) جيڪڏهن ڪا ڳالهه هن ايڪٽ جي منحرف نه آهي ته پوءِ سرڪار، پڌرائي (notification) ذريعي ڪنهن به ماڻهوءَ کي صوبي جي سرڪاري ملازم طور مقرر ڪري سگهي ٿي، يا هن کي صوبائي مامرن سان لاڳاپيل عهدي تي رکي سگهي ٿي، يا جيڪو ملڪ جي آئين (ارڙهين ترميم) ايڪٽ ٢٠١٠ (ايڪٽ نمبر X مجريه ٢٠١٠) جي لاڳو ٿيڻ کان ٺورو اڳ وفاقي مامرن سان لاڳاپيل ڪو عهدو رکندڙ هوندو ۽ هن جون خدمتون انهيءَ ترميم ٿيل ايڪٽ مجريه ٢٠١٠ جي روشني ۾ صوبي حوالي ڪيون ويون هونديون.<br>(2) حڪومت تجويز ڪيل طريقي پٽاندر ذيلي دفعه (1) جي روشنيءَ ۾ سندس سينيارٽي سميت نوڪري جا شرط شروط (terms and conditions) طئي ڪندي. |

بحڪم
اسپيڪر
صوبائي اسيمبلي سنڌ-

جي-ايم-عمر فاروق
سيڪريٽري
صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽ:– ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.